ISSN(**P**): 2709-9636 | ISSN(**O**): 2709-9644
**Volume 7, Issue 1, (Jan to Feb 2026)**
https://doi.org/10.47205/makhz.2026(7-I)urdu-01

ماخذ تحقیقی مجلہ

OPEN ACCESS

CC BY NC

**ڊاڪٽر ذوالفقارعلي جلباڻي**

ايسوسئيٽ پروفيسر گورنمينٽ (بوائز)، ڊگري ڪاليج محرابپور،
ضلعو نوشهرو فيروز، سنڌ

# ٻاراڻي ادب ۾ اديب، استاد ۽ نصاب جي اهميت جو جائزو

**Dr. Zulfiqar Ali Jalbani***
Associate Professor, Govt (Boys) Degree College Mehrabpur,
District NausheroFeroze Sindh.

***Corresponding Author:**

## An Overview of the Importance of Writers, Teachers, and Curriculum in Children's Literature

In children's literature, writers, teachers, and curriculum are interconnected elements that play a vital role in shaping young minds. Writers create imaginative worlds, crafting engaging stories, poems, and novels that foster creativity and moral understanding. Teachers facilitate learning, interpreting curriculum and nurturing young minds. Curriculum provides structure, imparting knowledge and promoting critical thinking. Together, these elements shape children's intellectual and emotional development, equipping them with values and skills for lifelong growth. Writers spark imagination, teachers guide learning, and curriculum offers a framework for success. By working together, they help children develop into compassionate, knowledgeable, and critically thinking individuals. The synergy between writers, teachers, and curriculum is essential for creating a well-rounded education that prepares children for future success.

**Key Words:** *Creator, Imaginative, Learning, Interpretation, Curriculum, Collective, development, values.*

**تحقيق جو مقصد:** تحقيقي مقالي جي لکڻ جو بنيادي مقصد هي آهي ته، اسان کي هلندڙ دور ۾ جنهن چيز جي ڪمي محسوس ٿي رهي سو آهي ٻارڙو ادب, سنڌي ادب ۾ ٻاراڻي ادب جي گهٽ لکڻ ۽ ان طرف ڌيان نہ ڏرڻ ڪري ڪافي

ISSN(**P**): 2709-9636 | ISSN(**O**): 2709-9644
**Volume 7, Issue 1, (Jan to Feb 2026)**
https://doi.org/10.47205/makhz.2026(7-I)urdu-01
ماخذ تحقیقی مجلہ

**ٻارن لاءِ ڳجھارت:**

"گلن جي ڪاري، ڪنهن ڪي اڏ تہ ڪنهن ڪي ساري
جواب: ماءُ پيءُ
ڏس قادر جي ڪَل، ٻاهران گوشت اندران ڪل
جواب: ٻَڪِيءَ جي ٻُڪِي
گھر گھر ۾ ڳاڙهو گھوٽ، وني زور تہ وني چوٽ
جواب: ٽانڊو

**ٻارن لاءِ پروليون:**

نچي ٿو ناچوءَ وانگر ناچو بہ نہ آهي، پَڙِي پائي ٻار وانگر، ٻار بہ نہ آهي، لٽ ڪٽي ڪلهي تي، ميهار بہ نہ آهي، ٻڌايو تہ ڇا آهي؟
جواب: پولڙو

**نصاب:**

نصاب مان مراد درسي ڪتابن طور ورتي وڃي ٿي، جيڪي تعليمي ادارن ۾، تعليمي سرگرمين جي حد مقرر ڪندا آهن. هرهڪ مضمون جا مختلف ڪتاب هوندا آهن جن جي مواد ڪي مقرر ڪيل عرصي ۾ شاگردن کي پڙهائي پورو ڪبو آهي. مذڪوره موضوع جي تحقيق جو تعلق سنڌي درسي ڪتابن جي نصاب سان آهي. هرهڪ ٻوليءَ ۾ لکيل **درسي** ڪتابَ نئين نسلن جي ذهني ۽ فڪري اوسر ۽ ارتقا ۾ مکيہ ڪردارادا ڪندا آهن، جيترو نصاب علم ۽ فڪري ڳالهين ۽ معلومات تي آڌاريل هوندوآهي ايترو ئي سماج جي فڪري ارتقا جو سلسلو هلندو رهندو.سنڌي ادب ۾ معياري قسم جو ادب ٻارن جي دلچسپي سان گڏ ذهني آزمائش ڏانهن بہ اشارو آهي تہ هُو پڙهڻ ۽ لکڻ ۾ سوالن جا جواب ڳولڻ جا هيراڪ بڻجن. اسان جڏهن پرائمري درجي جي ٻارن جي سنڌي نصاب جو اڀياس ڪريون ٿا تہ اسان کي ٻارن لاءِ لکيل لا جواب نظم ۽ بيت ملن ٿا. جن مان خوبصورت نظارا پسي سگهجن ٿا. هت هيٺ هڪ نظم ڪشنچند 'بيوس' جو ڏيون ٿا جنهن مان ان جي سهڻي سوچ ۽ فڪر جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو:

سڀ ڪن تنهنجي ساراهہ قدرت وارا!
نرمل جوتي نور نظارا

ISSN(**P**): 2709-9636 | ISSN(**O**): 2709-9644
**Volume 7, Issue 1, (Jan to Feb 2026)**
https://doi.org/10.47205/makhz.2026(7-I)urdu-01

ماخذ تحقیقی مجلہ

مائرون پنهنجن ٻچڙن کي دعائون ڏينديون آهن انهن ۾ احساس ۽ جذبو جاڳندو آهي. اهي منفرد خوبيون تورين ٻولين ۾ هونديون آهن، ۽ اهي ئي شاهوڪار ٻوليون چئبون آهن. ته ٻئي طرف اهو به هوندو ته، جن ٻولين ۾ مذهب، سائنس، تاريخ، ثقافت، تهذيب، تعليم جي ميدان ۾ مختلف هنرن ۽ فنن کي بيان ڪرڻ ذخيرو هوندو آهي سي ئي علمي ٻوليون سڏيون آهن. سنڌي ٻولي انهن سمورين خوبين سان نوازيل آهي، جيڪا اڄ جي سائنسي دور ۾ وڏيڪ ڏيان گهري ٿي.

**نتيجو:** مجموعي طرح تحقيق مان جيڪو نتيجو آڏو اچي ٿو ته، موجوده دور ۾، ٻاراڻي ادب ڏانهن اديبن ۽ استاد جو ڪردار اهو ڪونه رهيو آهي، جيڪو اڳ وارن استادن ۽ اديبن جو هو. جنهن ڪري سنڌي ٻوليءَ ڏانهن ٻارن، نوجوانن توڙي سنڌي سماج جو اهو ادبي ذوق ۽ جذبو مانو نظر اچي ٿو. ١٩٩٥ع کان اڳ وارو عرصو انتهائي شاندار ۽ جاندار هئڻ ڪري، سنڌي ٻولي پنهنجي علمي عروج سان پنهنجو علمي سفر مثبت نموني ڏاڪي به ڏاڪي وقت ۽ حالتن مطابق طئي ڪندي پئي رهي آهي. جوته اديب، استاد ۽ نصاب ٻولين جي واڌ ويجهه ۾ مکيه ڪردار ادا ڪرڻ جا نت نوان جواز پيدا ڪندا آهن. ٽئي اهم ٿنڀ ٻارن جي ذهني ۽ فڪري اوسر ۾ نمايان ڪارڪردگي ڏيکاريندا ته، ٻولي پنهنجي سموري علمي سگهه سان هر ڏکين موقعن سان منهن ڏئي پاڻ مجرائيندي رهندي آهي. ١٩٩٥ع کان ويندي ٢٠٢٥ع تائين اهو ٽيهن سالن جو عرصو سنڌي ٻوليءَ ڏانهن مثبت رويو نه هئڻ ڪري سنڌي زبان ۽ ادب کي نقصان جو مُنهن ڏسڻو پئجي رهيو آهي. نصابي غلطين جي ڪري ٻارن جي روزه واري زندگي ٻوليءَ جي صحتمند قدرن تي منفي اثر وجهي رهي آهي.

## حوالا


١. سولنگي، غلام مصطفيٰ، _ سنڌي ٻاراڻي شاعريءَ ۾ ٻوليءَ جو استعمال _ (ڇاپو پهريون)، سنڌ راڻي پبليڪيشن، حيدرآباد، سنڌ. ٢٠٢٠ع، ص: ٩)

٢. ملڪاڻي منگها رام، _ سنڌي نثر جي تاريخ _ (ڇاپو ٽيون)، روشني پبليڪيشن حيدرآباد/ڪنڊيارو، ١٩٩٣ع، ص: ٣٥

٣. ايضاً، ص: ٣٤

